SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# SINDH ACT NO.XX OF 2014
# The Sindh Injured Persons (Medical Aid Act) Act, 2014

# سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 2014
# زخمي ماڻهن (جي طبي امداد وارو) سنڌ ايڪٽ، مجريه 2014

**(Contents) فهرست**

(Preamble) تمهيد

1. مختصر عنوان ۽ لاڳو ٿيڻ
(Short Title and Commencement)

2. وصفون
Definitions

3. زخمي ماڻهن کي اوليت جي بنياد تي پيش اچڻ.
Injured persons to be treated on priority basis.

4. پوليس جي عدم مداخلت
Non-Interference by the Police

5. ڪن ڪيسن ۾ مائٽن جو رضامندو وٺڻ ضروري نه هوندو
Consent of relatives not required in certain cases.

6. زخميءَ کي ٻئي اسپتال منتقل ڪرڻ
Shifting of an injured to another hospital.

7. اسپتال جو اعلان ڪيو ويندو
Hospital to be notified.

8. زخمي ماڻهوءَ کي ٿاڻي تي نه وٺي وڃبو

Injured person not to be taken to a Police Station.

9. زخمي ماڻهوءَ کي اسپتال آڻيندڙ کي حراسان نه ڪيو ويندو

Person bringing the injured person to hospital not be harassed.

10. جاڳرتا جي تحريڪ

Awareness campaign.

11. ڏنڊ

Penalty.

12. ڪيسن بابت عدالتي اختيار.

Cognizance of cases.

13. هدايتون

Instructions.

14. قاعدن ٺاهڻ جو اختيار

Power to make rules.

## SINDH ACT NO.XX OF 2014

# The Sindh Injured Persons (Medical Aid Act) Act, 2014

# سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 2014

# زخمي ماڻهن (جي طبي امداد وارو) سنڌ ايڪٽ، مجريه 2014

ايڪٽ جنهن ذريعي زخمي ماڻهن جي طبي امداد ۽ دوا درمل جي گنجائش رکي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته اها تقاضا آهي ته زخمي ماڻهن جي طبي امداد ۽ دوا درمل جي گنجائش ڪڍي وڃي ته جيئن سندن حياتيون بچائي سگهجن ۽ هنگامي حالتن ۾ سندن صحت بچائي وڃي ۽ ان سان لاڳاپيل ڳالهين جو خيال رکيو وڃي.

ان ڪري هن طرح ايڪٽ جوڙيو پيو وڃي.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement.

1. (1) هن ايڪٽ کي زخمي ماڻهن (جي طبي امداد وارو) سنڌ ايڪٽ 2014 The Sindh Injured Persons (Medical Aid ) (Act) Act, 2014 چيو ويندو.

(2) هي ايڪٽ پوري صوبي ۾ نافذ العمل هوندو.

(3) هي ايڪٽ في الفور نافذ ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ جي تناظر ۽ نفس مضمون جي منحرف نه هجي ته پوءِ ڪن لفظن ۽ اصطلاحن جو مطلب هن ريت هوندو.

(الف) ڊاڪٽر (Doctor) جو مطلب آهي اهو دوا درمل ڪندڙ ماڻهو، جيڪو پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل آرڊيننس، 1962( XXXII of 1962) مطابق رجسٽرڊ ٿيل هجي.

(ب) ”گورنمينٽ“ (Government) جو مطلب آهي ته سنڌ سرڪار.

(ت) ”اسپتال“ (Hospital) جو مطلب آهي اها اسپتال جنهن کي ايڪٽ جي دفعه 7 پٽاندر پڌرو ڪيو ويو هجي.

(ث) ”زخمي ماڻهو“ (Injured Person) جو مطلب آهي اهو زخمي ماڻهو جيڪو ٽريفڪ حادثي، حملي يا ٻئي سبب ڪري زخمي ٿيو هجي ۽ هن کي ترت علاج جي ضرورت هجي.

زخمي ماڻهن کي اوليت جي بنياد تي پيش اچڻ.

3. جڏهن ڪو زخمي ماڻهو اسپتال آندو وڃي ٿو ته هن هن کي وقت

| | |
|---|---|
| Injured persons to be treated on priority basis | وڃائڻ ڪانسواءِ طبي امداد ڏني ويندي ۽ ان لاءِ طبي قانوني رسمن (medical-legal formalities) کي اوليت نه ڏبي. |
| پوليس جي عدم مداخلت<br>Non-Interference by the Police | 4. اسپتال جي انچارج جي تحريري اجازت نامي ڪانسواءِ ڪو به پوليس جو ماڻهو يا آفيسر اسپتال اندر دوا درجمل ونندڙ زخميءَ کي دوا ڪرائڻ کان روڪي نه ٿو سگهي يا ان ۾ مداخلت ڪري نه ٿو سگهي.<br>پوليس کي اهڙي اجازت نه ڏني ويندي، بشرطيڪ اها جاچ پڙتال جي حوالي سان تمام ضروري هجي ۽ اها جاچ پڙتال به اسپتال ۾ ڪئي ويندي، جيستائين مريض علاج هيٺ آهي. |
| ڪن ڪيسن ۾ مائٽن جو رضامندو وٺڻ ضروري نه هوندو.<br>Consent of relatives not required in certain .cases | 5. انهيءَ صورت ۾ جڏهن زخميءَ کي هنگامي علاج يا جراحيءَ جي ضرورت آهي ته ڊاڪٽر اهڙي دوا يا آپريشن ڪرڻ لاءِ زخمي جي مائٽن جي اجازت جو انتظار نه ڪندو. پر جيڪڏهن زخميءَ جا مائٽ موجود آهن ته پوءِ اها ڳالهه اوليت ڏيڻ جهڙي هوندي ته انهن مائٽن کان اجازت ورتي وڃي. |
| زخميءَ کي ٻئي اسپتال منتقل ڪرڻ<br>Shifting of an injured to another hospital | 6. (1) زخميءَ کي ڪنهن ٻئي اسپتال منتقل ڪري نه ٿو سگهجي، بشرطيڪ هو پاڻ پريو نه ٿيو آهي يا جنهن اسپتال ۾ داخل آهي، اتي سندس گهربل علاج بهتر نموني سان ٿي نه ٿو سگهي. واسطيدار ڊاڪٽر کي زخميءَ جي طبي صورتحال بابت ڪاغذ پٽ ناهي انهيءَ ڊاڪٽر کي ڏيڻا پوندا، جنهن وٽان زخمي علاج ڪرڻ گهري ٿو.<br>(2) ذيلي دفعه (1) جي روشنيءَ ۾ زخميءَ بابت جيڪو طبي رڪارڊ تيار ڪيو ويندو، اهو ٻنهي اسپتالن ۾ موجود هوندو ۽ ٻنهي اسپتالن جا انچارج انهيءَ ڳالهه جا ذميوار هوندا ته اهو رڪارڊ سلامتيءَ سان محفوظ ڪيو ويو آهي ۽ ان ۾ ڪا هيراڦيري نه ٿيندي.<br>اهو خيال رکيو ويندو ته زخمي ٻئي اسپتال ڏانهن تيستائين منتقل نه ڪيو ويندو، جيستائين ڊاڪٽر هن سان ٻئي اسپتال پهچڻ تائين گڏ ڪونهي. |
| اسپتال جو اعلان ڪيو ويندو<br>Hospital to be notified | 7. سنڌ سرڪار پنهنجي آفيشل گزيٽ ۾ پنهنجي پڌرنامي (Notification) ذريعي انهن اسپتالن جي نشاندهي ڪندي جن ۾ داخل ٿيندڙ مريضن لاءِ بسترا ۽ سهولتون موجود هونديون ۽ جن ۾ هنگامي طور تي زخمين جو علاج ٿي سگهندو. |

جيڪڏهن انهن حدن ۾ ڪا اهڙي اسپتال نه هوندي ته سرڪاري يا مقامي حڪومت طرفان قائم ڪيل اتي جو "ٻهراڙي وارو صحت مرڪز" (Ruler health center) جنهن ۾ گهربل سهولتون هونديون، ان کي سرڪاري پڌرائي ذريعي زخميءَ جي علاج جون هنڌ ڄاڻائي هن ايڪٽ جون تقاضائون پوريون ڪيون وينديون.

زخمي ماڻهوءَ کي ٿاڻي تي نه وٺي وڃبو
Injured person not to be taken to a Police Station.

8. (1) طبي امداد ۽ دوا درمل ڪانسواءِ ڪو به زخمي ماڻهو ڪنهن به صورت ۾ ٿاڻي تي نه وٺي وڃي سگهبو.

(2) پوليس آفيسر انهيءَ ڳالهه لاءِ ٻڌل هوندو ته زخميءَ کي هن ايڪٽ جي روشنيءَ ۾ اسپتال مان علاج مليو آهي ۽ ڪنهن طبي قانوني ڪارروائي (Medical-legal Procedure) ٿيڻ کان اڳ پوليس آفيسر ڪنهن به صورت ۾ ڊاڪٽر تي اثرانداز نه ٿيندو ته هو زخميءَ جي زخم بابت ڪا پنهنجي راءِ ڏئي.

زخمي ماڻهوءَ کي اسپتال آڻيندڙ کي حراسان نه ڪيو ويندو
Person bringing the injured person to hospital not be harassed

9. اهو ماڻهو جيڪو انساني همدرديءَ جي بنياد تي ڪنهن زخميءَ کي اسپتال آڻي ٿو، خاص طور تي ٽريفڪ حادثي وارن ڪيسن ۾، هن کي حراسان نه ڪيو ويندو پر ان جو جائز احترام ڪيو ويندو ۽ زخميءَ جي مدد ڪرڻ تي سندس مڃتا ڪئي ويندي. هو پنهنجي نالي، ايڊريس ۽ ٽيليفون نمبر لکرائڻ ڪانپوءِ هليو ويندو، ۽ ٽن ڏينهن اندر پنهنجي شناختي ڪارڊ جي ڪاپي فراهم ڪري ويندو، جيڪڏهن اها ان وقت هن سان گڏ نه آهي. هو اسپتال جي انچارج کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ڪا ٻي ثابتي به ڏئي سگهي ٿي.

ڪنهن زخميءَ کي اسپتال آڻڻ ڪنهن قاعدي قانون هيٺ ڪا پابندي ڪانهي ۽ نه وري زخمي آڻيندڙ کان ڪا اهڙي پڇا ڪري سگهجي ٿي.

جاڳرتا جي تحريڪ
Awareness campaign

10. طبي- قانوني ڪارروائي (Medical-legal Procedure) بابت عوام، معالجن ۽ پوليس کي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ لڳاتار بيداريءَ جي تحريڪAwareness campaign هلائي ويندي. اهڙا ۽ ان قسم جا پيغام ريڊيو، ٽي وي ۽ اخبارن ۾ به هلايا ويندا.

ڏنڊ
Penalty

11. جيڪو به هن ايڪٽ يا هن ڪانپوءِ ٺهندڙ قانون ۾ رکيل گنجائش جي مخالفت ڪندو يا ڀڃڪڙي ڪندو. ان کي جيل جي جي سزا ملندي، جيڪا ٽن سالن تائين وڌائي سگهجي ٿي، يا هن تي ڏنڊ به مڙهي سگهجي ٿو جيڪو ويهن هزار روپين کان گهٽ نه هوندو، يا ٻئي ڏنڊ ۽ سزا پڻ ڏئي سگهجن ٿيون، يا اجا ڪا ٻي سزا جيڪا ڪنهن ٻئي نافذ ٿيل قانون هيٺ ٿي سگهي ٿي.

هن صورت ۾ جڏهن ڪنهن تي ڏنڊ وڌو ويندو ته ان مان اڌ رقم ازالي طور زخميءَ يا ان جي وارثن کي ڏني ويندي.

ڪورٽ، پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل آرڊيننس نمبرXXXII مجريه 1962 هيٺ قائم ڪيل پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل کي حڪم ڏئي سگهي ٿي ته اهڙي ڊاڪٽر جي رجسٽريشن ختم (Cancel) ڪري ڇڏي، جنهن کي ڪورٽ ڏوهي قرار ڏنو آهي.

ڪيسن بابت عدالتي اختيار.
Cognizance of cases

12. (1) ڪا به ڪورٽ هن ايڪٽ هيٺ ڪنهن ڏوهه تي ان وقت عدالتي ڪارروائي ڪري نه ٿي سگهجي، جيستائين وٽس ڪا لکت ۾ اهڙي درخواست نه ٿي پهچي، جيڪا ڪنهن ذميوار عملدار سرڪار طرفان پيش نه ڪئي وئي هجي.

هدايتون
Instructions

(2) حڪومت هن ايڪٽ جي ذيلي دفعه (1) هيٺ اهڙن بااختيار عملدارن کي، هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کانپوءِ ٽيهن ڏينهن اندر ظاهر (notify) ڪندي.

قاعدن ٺاهڻ جو اختيار
Power to make rules

13. سرڪار، هن ايڪٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ وقت به وقت هدايتون ڏيندي ۽ ڪوتاهي ڪندڙ ڊاڪٽر يا پوليس عملدار خلاف انهن هدايتن جي برخلاف وڃڻ تي انتقامي قدم کنيو ويندو، ان کانسواءِ هن ايڪٽ جي دفعه 13 هيٺ هنن کي سزا ڏني ويندي.

14. هن ايڪٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت قاعدا جوڙي سگهندي.

**نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**